سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

# ڪليڪٽو

آڪٽوبر 2006ع



پاڪستان جي سينيٽ جو چيئرمين محمد ميان سومرو ۽ پروفيسر انيتا غلام علي (ستارهٔ امتياز)
’ٻالڪپڻ جي ڳولا‘ بابت مذاڪري ۾ ويٺل

> ”هر ٻار کي سندس ٻالڪپڻ جو حق ڏيارڻ لاءِ گڏ ٿيڻ گهرجي ۽ نازڪ صورتحال مان لنگهندڙ ٻارڙن جي لاءِ بهتر زندگي واريون حالتون پيدا ڪرڻ خاطر ڪوششون وٺڻ گهرجن.“
>
> محمد ميان سومرو
> عزت ماٰبُ چيئرمين سينيٽ،
> حڪومتِ پاڪستان

## ٻالڪپڻ جي ڳولا
### بابت هڪ مذاڪرو

03- اپريل کان 06- اپريل، 2006ع تي ابتدائي ٻالڪپڻ، تعليم و تربيت، ذرائع ابلاغ ۽ ترقيءَ جي شعبي سان لاڳاپيل چاليهه کن ناميارين شخصيتن ۽ ماهر، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان آغا خان فائونڊيشن، يو - ايس - ايڊ ۽ ڪيٽڪو ڪڊز انڪارپوريشن جي تعاون سان رٿيل ٽن ڏينهن واري هڪ بين الاقوامي مذاڪري ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا.

هن مذاڪري جو اهتمام موجوده دور ۾ ٻارڙن کي درپيش وڏن وڏن مسئلن ۽ انهن جي حل بابت سوچ - ويچار ڪرڻ خاطر ڪيو ويو. ٻارڙا ۽ انهن جو ٻالڪپڻ، ذرائع ابلاغ، تعليم ۽ تجارتي سوچ واري شديد حملي جي گهيري ۾ آيل آهن. اهي 24 ڪلاڪ تعليم و تربيت بابت تجارتي سوچ ۽ اشتهاري حملن جي مقابلي ۾ بلڪل بي وس نظر اچي رهيا آهن.

ٽن ڏينهن وارو اهو مذاڪرو جنهن جو عنوان ”ٻالڪپڻ جي ڳولا“ هو، 03- اپريل 2006ع تي ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ رٿيو ويو. انهيءَ مذاڪري جو مقصد اڄڪلهه جي دور ۾ ٻارن جي ٻالڪپڻ کي درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ مذاڪري جي شرڪاءَ کي ”ٻالڪپڻ“ جي حقيقي معنيٰ ذهن نشين ڪرائڻ هو.مذاڪري جو افتتاح سنڌ انسٽي ٽيوٽ آف يورالاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي طرفان ڪيو ويو. حڪومتِ سنڌ جي وزير تعليم محترمه حميده کهڙو جن هن مذاڪري ۾ مهمانِ خصوصي طور شرڪت ڪئي. سينيٽ جي چيئرمين جناب محمد ميان سومري جن مذاڪري جي پهرئين ڏينهن جي ڪارروائي جي نتيجن کي سهيڙيندي چيو ته ان ڳالهه جي شديد ضرورت آهي ته عوام جي شعور ۾ اها ڳالهه آندي وڃي ته ڪهڙي نموني سان هر سماجي حلقي جي ٻارن کي ذرائع ابلاغ، تعليم ۽ ٽيڪنالاجي جي حملن جو نشانو بڻايو پيو وڃي. سينيٽ جي چيئرمين مذاڪري ۾ موجود شرڪائن، انفرادي ماڻهن ۽ سماجي تنظيمن تي زور وڌو ته هو پنهنجي گڏيل ڪوشش ذريعي ٻارڙن لاءِ ڪو بامعنيٰ پر ورشي ماحول جوڙڻ لاءِ اڳتي اچن. پنجاب جي وزير اعليٰ جي صلاحڪار محترمه سعديه چوڌري صاحبه مک مهمان طور شرڪت ڪئي.




’ٻالڪپڻ جي ڳولا‘ بابت مذاڪري ۾ شرڪت ڪندڙن کي وزير تعليم حڪومتِ سنڌ ڊاڪٽر حميده کهڙو
خطاب ڪري رهي آهي

## انڪل سرگرم سيني کان گوءِ کٽي ويو:

ٻالڪپڻ جي ڳولا واري هن مذاڪري جو سڀ کان وڏيک دل وندرائيندڙ حصو انڪل سرگرم ۽ سندس مزاحيہ پتليون هيون. هر پتلي پنهنجي منفرد، معقول ۽ مزاحيہ انداز سان (جيڪا هو ڪيترن ئي سالن کان ٽيلي ويزن تي ڪندا پيا اچن) ٻالڪپڻ، تعليم و تربيت ۽ مجموعي طور تي سڄي معاشري ۽ ان جي خصوصيات تي تنقيد ڪندي مذاڪري جي حاضرين جون دليون وندرايون. پتلين جو اهو ڪيل ۽ اداڪار گڏجي نہ صرف حاضرينِ مذاڪره جي لاءِ وندر جو سبب بڻيا بلڪ انهن ٻارن جي نشوونما جي حوالي سان معاشري جي روشن پهلوئن کي بہ سامهون آندو.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ڪيترن ئي اسڪولن جي ٻارن بہ پتلين جو اهو ڪيل ڏٺو. انهيءَ ڪيل جو خاتمو ٻارن طرفان پتلين سان گڏجي تعليم ۽ تربيت بابت نعرا هڻندي گڏيل سرگرمي سان ڪيو ويو.

انڪل سرگرم جي پٺيان موجود مشهور اداڪار فاروق قيصر هو جيڪو گذريل ويهہ سالن کان ٽي وي جي ناظرين جون دليون وندرائيندو رهيو آهي. سندس پتلين جي انهيءَ ڪيل جي ڪري ڪيس حسنِ ڪارڪردگي (Pride of Performance) جو انعام بہ مليو آهي.




ايس اِي ايف پاران ’ٻالڪپڻ جي ڳولا‘ بابت مذاڪري دوران رٿيل مزاحيہ
شو ۾ ’انڪل سرگرم‘ ۽ ’هيگا‘ فن جو مظاهرو ڪندي

> ”هر ٻار کي پنهنجو ٻالڪپڻ ماڻڻ ۽ سماج ۾ پنهنجو مقام ماڻڻ لاءِ وڌ کان وڌ وسيلا ڪتب آندا وڃن ته جيئن هو وڏو ٿي سماج جو هڪ اهم فرد بڻجي سگهي.“
>
> محترمه ڊاڪٽر حميده کهڙو
> وزير تعليم، حڪومت سنڌ

ٽن ڏينهن واري انهيءَ بين الاقوامي مذاڪري کي سوچ ،ويچار ۽ موضوعن جي حوالي سان هيٺين چئن اهم حصن ۾ ورهايو ويو:

- سماجي ادارا ۽ ٻالڪپڻ
- ذرائع ابلاغ، ٽيڪنالاجي ۽ ٻالڪپڻ
- ترقي، ان کي پيش ايندڙ مسئلا ۽ ٻالڪپڻ
- گلوبلائيزيشن جي دور ۾ ٻالڪپڻ جي تشڪيل

اها پهرئين سوچ جيڪا خاندانن ۽ اسڪولن جي توجهه جو مرڪز رهي سان اها هئي ته ٻالڪپڻ سان تعلق رکندڙ سماجي ادارن کي اجا به وڌيڪ موثر ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ معاشري ۾ تبديل ٿيندڙ رجحانن جو به ڪاٿو لڳائڻ گهرجي جن جي ڪري خاندان ۽ اسڪولن جو ڪردار ئي درهم برهم ٿي ويو آهي. انهيءَ ڪري ٻارن جي لاءِ هڪ خوشحال ۽ صحتمند ماحول جي فراهمي کي يقيني بنائڻ ضروري ٿي ويو آهي. ويهڪ دوران ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته بجاءِ ان جي جو ٻارن جي تعليم و تربيت لاءِ انهن کي مختلف ضابطن ۾ قابو ڪرڻ، مٿن حڪم هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، والدين ۽ استادن کي گهرجي ته هو ڪين سندن فطرت ۾ موجود فنڪارانه ، شاعرانه ۽ اداڪارانه ۽ ٻوليءَ جي قابليتن جي فروغ لاءِ موقعا فراهم ڪن ته جيئن فطرت سان سندن ڳانڍاپو مظبوط ٿئي.

ٻيو موضوع جنهن تي توجهه مرڪوز رهي سو انهن نتيجن ۽ اثرن بابت هو جيڪي ذرائع ابلاغ ۽ تيزي سان تبديل ٿيندڙ ٽيڪنالاجي جي ڪري معصوم ٻارڙن تي پئجي رهيا آهن. خريد و فروخت جي جارحانه اسڪيمن، تجارتي سوچ، ٽي وي تي تشدد جي نمائش ۽ انفراديت واري سوچ جو فروغ وغيره سڀ اهڙيون شيون آهن جن گهر، خاندان ۽ معاشري جي ڪردار ۽ نظام کي ئي درهم برهم ڪري ڇڏيو آهي. مذاڪري جي ٽيئن ڏينهن ملڪي ۽ بين الاقوامي شهرت رکندڙ تعليمي ماهرن گلوبلائزيشن ۽ تيز ترين معاشي ترقي جي ڪري ٻارن تي مرتب ٿيندڙ ڀيانڪ نتيجن بابت آگاهي ڏني. انهن اڄڪلهه جي تعليمي ۽ معاشي نظامن بابت انڪشاف ڪندي ٻڌايو ته اهي هڪٻئي لاءِ بي لوث تعاون کي فروغ ڏيڻ بجاءِ هڪ سفاڪ قسم جي مقابلي بازي کي فروغ ڏيئي رهيا آهن جنهن جي ڪري معاشري ۾ تهذيب و ثقافت، روايتن، تخليقيت، اخلاقيات ۽ نسل درنسل منتقل ٿيندڙ ۽ ديسي طريقن سان حاصل ٿيندڙ تعليم جهڙين شين جي قدر و قيمت ختم ٿيندي پيئي وڃي. مذاڪري جي نتيجن کي سهيڙڻ خاطر آخر ۾ هڪ ڏينهن جي ڪانفرنس رکي ويئي ته جيئن فيصلا ڪندڙ ۽ پاليسيون مرتب ڪندڙ پاڻ ۾ گڏجي ويهي پاڪستان ۾ ”ابتدائي ٻالڪپڻ“ جي ترقي جي موقعن ۽ درپيش مسئلن بابت ڳالهيون ٻولهيون ڪري ڪو تجزيو ڪري سگهن.

وڌيڪ تفصيلن لاءِ (www.ecdpak.com) ڏسو.



تعليم بابت وزير اعليٰ جي صلاحڪار محترمه فاطمه ثريا ٻجيا



سنڌ جو اڳوڻو گورنر ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) معين الدّين حيدر صاحب



مقبول مضمون نگار، ليکڪ ۽ نقاد جناب امر جليل صاحب




آغا خان فائونڊيشن – پاڪستان، جي محترمه وينڊي گريفن، گلگت ۾ ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

مذاڪرو

# لائق ۽ قابل ٻار تيار ڪرڻ بابت

”ٻالڪپڻ جي ڳولا“ واري مذاڪري بعد آغا خان فائونڊيشن طرفان خوبصورت نظارن واري ماٿري گلگت ۾ لائق ۽ قابل ٻار تيار ڪرڻ (Raising Capable Children) بابت هڪ مذاڪرو ڪوٺايو ويو. هن مذاڪري ۾ ڳالهائڻ لاءِ پاڪستان ۽ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن مان مشهور ماهرن کي سڏيو ويو ته جئين اهي مذاڪري جي شرڪاءِ کي علمي ۽ عملي ڄاڻ فراهم ڪري سگهن. هي مذاڪرو قراقرم انٽرنيشنل يونيورسٽي ۾ 22-24 مئي،2006ع تي منعقد ڪيو ويو.

مذاڪري ۾ صاف صاف اهو پيغام ڏنو ويو ته ”ٻارڙا اسان جو مستقبل آهن؛ جيڪڏهن اسان انهن تي خرچ نه ڪنداسين ته پنهنجي بهتر مسقبل کي وڃائي ويهنداسين. ٻارن کي پيار ڪندڙ والدين، شفقت ڀرين استادن، صاف سٿري ماحول، ٻار ۾ موجود سکڻ بابت فطري صلاحيت جي نشوونما ڪندڙ صحت ۽ تعليم و تربيت جي سهولتن جي ضرورت آهي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن نه صرف مذاڪري جي سيني نشتن ۾ شرڪت ڪئي بلڪ مذاڪري جي اهتمام ۽ انتظام ۾ شريڪ ٿي.

وڌيڪ تفصيلن لاءِ (www.ecdpak.com) ڏسو.

## هيٺ ڏنل حقيقتن تي غور ڪريو:




- دنيا ۾ ٿيندڙ حادثن منجهان 96& حادثا گهٽ آمدني ۽ وچولي آمدني وارن ملڪن ۾ ٿين ٿا.
- گهٽ آمدني ۽ وچولي آمدني وارن ملڪن ۾ روڊن تي پيش ايندڙ حادثاتي موت جو نشانو 76& پيادل ۽ سائيڪل سوار ٿي ٿين ٿا ۽ انهن منجهان بہ ٽيون حصو ٻارن جو هوندو آهي.
- انهيءَ حقيقت کان ڪير باخبر آهي تہ31 31ع ڌاري صحت جي حوالي سان ٽيون وڏو مسئلو روڊ حادثن جا زخمي ٿيل ئي هوندا.

**Source:** *World Health Organization*

# روڊ تي سلامتي بابت تعليمي پروگرام

روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ ۽ ايشين ڊويلپمينٽ بينڪ (ADB) جي تعاون سان 10.2 ملين روپين جي خرچ سان روڊ تي سلامتي وارو تعليمي پروگرام جوڙيو ويو آهي. روڊ تي سلامتي واري تعليمي پروگرام (RSEP) جو مقصد آگسٽ 2006ع کان جولاءِ 2007ع تائين چونڊيل 100 ڪميونٽي ۽ سرڪاري اسڪولن جي 10,000 ٻارن کي روڊ تي تحفظ ۽ سلامتي بابت تعليم فراهم ڪرڻ آهي. پروگرام جو مقصد ٻارڙن، استادن، والدين ڪميونٽي ميمبرن ۽ ٽريفڪ آفيسرن کي روڊ تي تحفظ ۽ سلامتي بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ آهي. پروگرام جو آغاز حڪومت سنڌ جي چيف سيڪريٽري جناب فضل الرحمن صاحب جن 22- جون، 2006ع تي حڪومت سنڌ ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن وچ ۾ ٿيل معاهدي تي صحيحون ڪرڻ سان ٿيو. ان حوالي سان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ذميداري منصوبي کي عملي طور تي لاڳو ڪرڻ، گهربل سامان جي نقل حمل ۽ فني مهارت فراهم ڪرڻ ۽ پروگرام جي تشهير ڪرڻ آهي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو منصوبو اهو آهي تہ هو پنهنجي طرفان ”روڊ تي تحفظ ۽ سلامتي جي تعليم بابت هڪ مثالي نمونو (Model) ٺاهي ڏيندي، جنهن کي بعد ۾ ملڪ جي ٻين حصن ۾ بہ عمل ۾ آندو ويندو.


حڪومت سنڌ جو چيف سيڪريٽري جناب فضل الرّحمن صاحب ۽ پروفيسر انيتا غلام علي روڊ سيفٽي بابت منصوبي جي دستاويزات تي صحيحون ڪندي


ڪاٻي پاسي ويٺل روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ جو اعجاز علي صاحب حڪومتِ سنڌ جي چيف سيڪريٽري کي پريزينٽيشن ڏيندي

هن منصوبي کي لاڳو ڪرڻ لاءِ آگسٽ -سيپٽمبر، 2006ع ۾ ڄامشوري، دادو، لاڙڪاڻي ۽ خيرپور ضلعن ۾ باهمي ڳالهہ ٻولهہ جا ورڪشاپ ڪرايا ويا. انهن ورڪشاپن ۾ مقامي حڪومتن جي آفيسرن کان بہ ان سلسلي ۾ مدد وٺڻ ۾ منصوبي جي عمل لاءِ گهربل ضروري وسيلن جي فراهمي خاطر انهن کي شريڪ ڪرڻ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي. ان موقعي تي مقامي حڪومتن جي مختلف کاتن جيئن تہ تعليم، آمدورفت، هاءِ وي اٿارٽي، صحت ۽ هنگامي حالتن جي ادارن جا آفيسر بہ موجود هئا. ان حوالي سان عملي ڪارگذاري بابت هڪ ويهڪ جو اهتمام پڻ ڪيو ويو جنهن ۾ منصوبي لاءِ چونڊ ڪيل اسڪولن ۽ روڊن بابت هڪ نقشو تيار ڪيو ويو. هنگامي خدمتن، ڪميونٽي جي ٻارڙن ۽ وڏڙن کي روڊ پار ڪرڻ دوران پيش ايندڙ مسئلن بابت بہ ويچاريو ويو. روڊ تي تحفظ ۽ سلامتي کي يقيني بنائڻ لاءِ هر شرڪت ڪندڙ جي ذميوارين ۽ ڪردارن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ ضلعي حڪومتن جي وچ ۾ ان حوالي سان هڪ معاهدي تي صحيحون ڪيو ويون

## ڪچهري وارين روايتن جي ٻيهر بحالي:

ڪنهن زماني ۾ ڳوٺن ۾ ٿيندڙ ڪچهرين کي وڏي اهميت حاصل هوندي هئي جيڪو رجحان آهستي آهستي ٿي ڪري ختم ٿيندو پيو وڃي. ڪچهري دراصل ڳوٺاڻن جو ڪنهن هڪڙي جڳهہ مثلاً اوطاق وغيره تي ويهي حالات حاضره ۽ ٻين نون۔ پراڻن موضوعن تي هڪٻئي سان ويچار ونڊڻ جو نالو آهي؛ جنهن ۾ ڳوٺاڻا مقامي، ملڪي ۽ بين الاقوامي موضوعن تي آزادي سان ڳالهيون ٻولهيون ۽ تبصرا ڪن ٿا. ڳوٺاڻن جي انهيءَ ڪچهري ۾ هر ڪنهن کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو حق حاصل هوندو آهي، انهن ۾ وڏڙن جي ادب و احترام جو خصوصي خيال رکيو ويندو آهي ۽ هر ڪنهن جي ڏنل راءِ ۽ مسئلن کي ٻڌي ٿڌي دماغ سان انهن بابت سوچ ويچار ۽ ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ويندي آهي.

ڪچهرين جي اهميت کي محسوس ڪندي ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪولز پروگرام (CSSP) طرفان ڳوٺ قمبر ڪوٽ، ڳوٺ دودو ڪبير سالار، ڳوٺ علي خان رند ۽ ڳوٺ منو جهتيال ۾ اهڙي قسم جي ڪچهرين جو اهتمام ڪيو ويو تہ جيئن انهيءَ اهم روايت کي وري موٽائي سگهجي. ڳوٺ ۾ ڪنهن جي لانڍي هجي يا اوطاق ماڻهو ڪجهہ گهڙيون ويهي ”ڪچهري“ ضرور ڪندا آهن، ڳوٺن جا رهواسي پاڻ ۾ گڏ ٿي، پنهنجي ڳوٺ، علائقائي، ملڪي ۽ ٻاهرين دنيا جي ننڍن وڏن مسئلن تي پڻ پنهنجي ثقافتي رنگ ۽ ڍنگ ۾ ويچار ونڊيندا آهن.

ڳوٺاڻن جي اهڙين ڪچهرين جي ڪري هر ماڻهوءَ ۾ ڪافي حد تائين ڳوٺن جي معاملن کي سمجهڻ ۽ ان جي حل لاءِ جاکوڙ ڪرڻ سان گڏ، اخلاقيات جي قدر ، خود اعتمادي، پنهنجي راءِ جي اظهار، سوچن ۽ خيالن جي معياري انداز ۾ اظهارڻ جو موقعو مهيا ٿي ملندو آهي . مختصر ائين ڪٿي ڇئجي تہ اهڙي قسم جي ڪچهرين سان ڳوٺاڻن ۾ ٻارن جي ثقافتي تعليم ۽ تربيت بابت ڏاڍو چاهہ پيدا ٿيو ۽ انهن سڀني ان ڳالهہ کي تسليم ڪيو تہ اهڙين ڪچهرين ذريعي تعليم، تهذيب، ثقافت ، اخلاقيات، محبت ۽ زندگي جي مختلف ريتن رسمن جون پاڙون بہ مضبوط ٿينديون آهن.
اهڙي قسم جي ڪچهرين ڳوٺاڻن ۾ ڏاڍو جوش، جذبو ۽ اتساهہ پيدا ڪيو. سڀني ان ڳالهہ سان اتفاق ڪيو تہ اهڙي قسم جون ڪچهريون تهذيبي ۽ ثقافتي اهڃاڻ، بنيادن ۽ روايتي انداز واري زندگي جي حوصلہ افزائي ڪن ٿيون.



سي ايس ايس پروگرام پاران ڪرايل ڪچهريءَ ۾ هڪ نشست ۾ انور پيرزادو ويچار ونڊيندي

# محترمه سراج النساء عيساڻي سان انٽرويو:

سوال: توهان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مالي طور تي ۽ ٻين ڪيئي طريقن سان مدد ڪنديون رهنديون آهيو. توهان فائونڊيشن جي ڪهڙي ڳالهه کان متاثر آهيو ؟

جواب: ها، هي چوٿون دفعو آهي جو آئون سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مدد پيئي ڪريان. پروفيسر انيتا غلام علي سان ذاتي واسطا هجڻ کان سواءِ هونئن به مون کي ڪجهه وقت کان ٻارڙن جي نشوونما ۾ دلچسپي رهي آهي. ٻارڙن جي نرس هئڻ جي ناتي منهنجو هميشه کان وٺي ٻارڙن جي نشوونما واري ڪم سان ويجهو تعلق رهيو آهي.

سوال: توهان جي خيال موجب انفرادي شخصيتون جيئن مثلاً توهان پاڻ يا خانگي شعبي وارا تعليمي شعبي جي ڪيئن مدد ڪري سگهن ٿا؟

جواب: ذاتي طور تي منهنجو خيال آهي ته ڪيئي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي عطيي طور پئسا ڏيڻ چاهين ٿا پر ادارن ۾ موجود بدعنوان ۽ اقربا پروري جي ڪري رڪجيو ٿا وڃن. ماڻهو انهيءَ ڳالهه جي پڪ ڪرڻ چاهيندا آهن ته سندن پيسو صحيح هٿن ۾ پيو پهچي يا نه؟ معاشري ۾ اهڙي قسم جون غلط فهميون به آهن جيڪي ماڻهو پنهنجي ادارن کي ايمانداري ۽ ثابت قدمي سان هلائي رهيا آهن تن کي هر هنڌان فنڊز ملي رهيا آهن. ٻي ڳالهه جيڪا آئون چوڻ چاهينديس سا اها آهي ته ادارن جي ايمانداري بابت پوري پڪ نه هئڻ باوجود اسان ماڻهو سخاوت جو مظاهرو ڪندا آهيون اسان جو مذهب به اسان کي اها تعليم ٿو ڏيئي ته معاشري جي مدد جي معاملي ۾ ذميواري جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

سوال: اوهان خاص طور تي اسان جي پورهيت ٻارن جي تعليم واري پروگرام (CLEP) لاءِ مدد ڏينديون رهيون آهيو. اوهان جي خيال ۾ انهيءَ امداد کي ڪهڙي انداز سان استعمال ڪرڻ گهرجي؟

جواب: آئون جڏهن به ڪنهن اداري جي مدد ڪندي آهيان ته خرچ ڪرڻ جي معاملي ۾ ڪڏهن به انهن مٿان پنهنجي مرضي نه مڙهيندي آهيان، آئون اڳئين ماڻهو مان اها اميد رکندي آهيان ته هو مون طرفان ڏنل امداد کي ايمانداري سان استعمال ڪندو. منهنجي پهرئين ترجيح خاص ڪري سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جا اهڙا اسڪول آهن جيڪي تمام ڏورانهن ۽ پوئتي پيل علائقن ۾ آهن جتي بنيادي ڍانچي جي حوالي سان مالي تعاون جي ضرورت به وڌيڪ آهي. هن وقت جڏهن آئون عملي طور تي بطور نرس ڪم ڪانه پيئي ڪريان ته چاهيان ٿي ته ٻارڙن جي نشوونما واري مرڪز (Child Development) ۽ پورهيت ٻارڙن جي تعليم واري پروگرام (Child labor Education Program-CLEP) سان واڳيل استادن ۽ ٻارڙن جي والدين سان گڏجي سندن ٻارڙن جي صحت جي مسئلن بابت ويهڪون ڪريان. اهو ئي ڪم آهي جنهن ۾ مون کي دلچسپي آهي.

سوال : عيساڻي صاحبه اسان توهان جي پيشه ورانه ۽ ذاتي زندگي جي حوالي سان وڌيڪ ڄاڻڻ چاهيون ٿا، توهان اسان کي پنهنجي باري ۾ ڪجهه ٻڌائڻ چاهينديون؟

جواب: ها، منهنجي ننڍپڻ کان ئي نرسنگ جي شعبي سان دل لڳل هوندي هئي. منهنجي انهيءَ پيشي جي شروعات ان وقت ٿي جڏهن مون کي هولي فئملي اسپتال راولپنڊيءَ ۾ ڏهن ڏينهن لاءِ داخل ڪيو ويو؛ جتي جي راهبائن مون کي انهيءَ طرف مائل ڪيو. آئون سڄو ڏينهن انهن سان ڳالهائيندي هئيس ڇاڪاڻ ته پنهنجي گهر کان پري هيس. اهڙي طرح مون ۾ نرسنگ بابت دلچسپي پيدا ٿي پئي. حالانڪ منهنجي خاندان وارا انهيءَ جا مخالف هئا؛ بلڪ ڪن کي ته منهنجي هوش و حواس ۽ عقل تي به شڪ ٿيڻ لڳو؛ پر مون کي جيئن ته ننڍڙن ٻارن سان پيار هوندو هو انهيءَ ڪري آئون انهيءَ ڏنڌي سان ڇهتي ويس. مون ٻارڙن واري شعبي جي چونڊ ڪئي. منهنجي دل ٻارڙن جي حوالي سان ڏاڍي نرم آهي انهي ڪري جتي به سندن مدد جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي ته اها ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ضرور ڪندي آهيان. مون ڪراچي جي هولي فيملي اسپتال مان پنهنجو نرسنگ ۽ دائپي (Midwifery) جو ڪورس ڪيو ۽ جڏهن انگلينڊ ۽ ڪئناڊا ۾ هيس ته اتي به نرسنگ جو ڪم ڪندي هيس. اهڙي طرح جڏهن ملڪ کان ٻاهر هيس ته اتان به ڪجهه نمونن جا ڪورس ڪري آيس.

آخر ۾ منهنجي توهان جي لاءِ اها ئي تمنا آهي ته توهان انهيءَ ڀلائي واري ڪم سان وابسته رهو، جنهن جي ڪري معاشري ۾ توهان جي عزت ڪئي وڃي ٿي. رڳو پروفيسر انيتا غلام علي صاحبه جي همت تي نه ڀاڙيو بلڪ پنهنجو پاڻ ۾ به ڪا همٿ پيدا ڪريو. انهي پيشي جي هڪ دفعو وري مبارڪ هجيو!



محترمه سراج النساء عيساڻي صاحبه پنهنجي باري ۾ ٻين جي مدد ڪرڻ بابت پنهنجي دلچسپي جي حوالي سان ڳالهائيندي

محترمه سراج النساءَ عيساڻي ڪراچي توڙي ٻاهرين ملڪن ۾ نرس طور ڪم ڪندي رهي آهي. هوءَ مختلف موقعن تي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي پروگرامن لاءِ مدد ڪندي رهي آهي.



شاگرد چائلڊ ڊويلپمينٽ سينٽر جي ديوارن تي رنگ روپ ڪري رهيا آهن.

## ٻاررن جي نشوونما واري مرڪز (CDC) کي عطيو

- ICI طرفان ٻارڙن جي نشوونما واري مرڪز CDC جي لاءِ 145,000 روپين جو هڪ عطيو ڏنو ويو آهي؛ جنهن کي هن مرڪز کي جديد تر بنائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان ڪمپني جي انهيءَ قدم کي ساراهيو ويو آهي.
- برجر پينٽس واري ڪمپني طرفان چائيلڊ ڊويلپمنٽ سينٽر (CDC) کي برجر پينٽس جا 17 گيلن فراهم ڪيا ويا جن کي سينٽر جي رنگ روپ لاءِ استعمال ڪيو ويو. انڊس ويلي اسڪول آف آرٽس اينڊ آرڪيٽيڪچر جي شاگردن CDC جي سرگرم شاگردن ۽ استادن سان گڏجي رضاڪارانه طور سينٽر جي ڀتين کي سينگارڻ لاءِ رنگ روپ ڪيا.

## برٽش ڪائونسل چائلڊ ڊيولپمنٽ سينٽر لاءِ عطيي طور ڪمپيوٽر ڏنا:

برٽش ڪائونسل-پاڪستان، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي Child Labor Education Program لاءِ 10 ڪمپيوٽر ۽ انهن لاءِ گهربل ضروري شيون عطيي طور ڏنيون آهن. انهن ڪمپيوٽرن کي جديد انداز ۾ بنايل Child Development Centre (CDC) جي ڪمپيوٽر ليبارٽري ۾ رکيو ويندو.

## چائلڊ ليبر ايجوڪيشن پروگرام (CLEP) مان فائدو حاصل ڪندڙن جي مدد ڪئي ويئي:

چائلڊ ليبر ايجوڪيشن پروگرام (CLEP) جي جن ٻارڙن جا گهر وارا بنهه وڌيڪ مالي پريشانين ۾ گهيربل هوندا هئا. انهن جي پاڪستان بيت المال جي فنڊ ذريعي مالي مدد ڪئي ويئي. پاڪستان بيت المال هڪ خود مختار ادارو آهي جنهن جو ڪم پنهنجي ڪيئي قسم جي عطين ذريعي غربت کي ختم ڪرڻ آهي. پاڪستان بيت المال پنهنجي مختلف منصوبن جيئن ته تعليمي امداد، طبي علاج، خيراتي ادارن جي مالي مدد ۽ خود روزگار جي منصوبن لاءِ مالي امداد فراهم ڪري ٿو. CLEPسان تعلق رکندڙ 24 ڪٽنبن منجهان هر هڪ ڪٽنب کي 8000 روپيا مالي مدد طور ڏنا ويا ته جيئن اهي انهن پيسن کي ڪنهن ڪاروبار وغيره ۾ سيڙائي پنهنجي آمدني ۾ اضافو ڪري سگهن.

## سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان تعليمي و تربيتي مواد مهيا ڪيو ويو:

چائلڊ ڊويلپمينٽ سينٽر (CDC) پورهيت ٻارن جي تعليمي و تربيتي پروگرام جو شروعاتي عملي حصو آهي. SEF طرفان CDC جي ٻارن لاءِ تعليمي و تربيتي مواد فراهم ڪيو ويو ته جيئن سندن عملي تربيت ۾ آساني پيدا ٿئي. انهيءَ تربيتي مواد ۾ ڪتاب، گهريلو راندين جو سامان، تعليمي سي ڊيز، ڊي وي ڊيز ۽ مختلف هنرن سان تعلق رکندڙ شيون شامل هيون.

تحقيقي مطالعي جو ڪم سونپيو ويو

## عام شهرين طرفان تعليم جي شعبي ۾ آيل نواڻ ڪي دستاويزات ۾ آڻڻ جو عمل

تعاون: دولتِ مشترڪہ تعليمي فنڊ

جيتوڻيڪ عام تعليمي وهنوار ٻارن کي اسڪول پهچائڻ، داخل ڪرائڻ، سبق ياد ڪرائڻ ۽ معيار قائم ڪرڻ جي دائري اندر ڦرندو گهرندو نظر اچي ٿو؛ جڏهن تہ دنيا ۾ حڪومتي توڙي خانگي شعبي طرفان تعليمي و تربيتي حوالي سان ڪيترائي جديد قسم جا مثالي نمونا تيار ڪيا ويا آهن. تعليمي و تربيتي حوالي سان تازين آيل تبديلين ۽ نواڻ کي قومي، صوبائي ۽ مقامي سطح تي ڳولي هٿ ڪرڻ خاطر سنڌايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان دولت مشترڪہ تعليمي فنڊ (Common Wealth Education Fund) جي تعاون سان هڪ تحقيقي مطالعو ڪرايو پيو وڃي، انهيءَ تحقيقي مطالعي تحت تعليم و تربيت بابت جديد ترين سوچن ۽ طريقن جو ملڪي ۽ علائقائي زبانن ۾ ترجمو ڪري انهن کي ملڪي تعليمي سرشتي ۾ عملي طور تي داخل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيو وينديون.

انهيءَ تحقيقي مطالعي جي اڳواٽي عزيز ڪباني ڪري رهيا آهن. انهيءَ تحقيقي مطالعي جو مقصد ٻارڙن جي تعليم و تربيت جي حوالي سان جديد ڪان جديد قسم جا مثالي نمونا سوچ ۾ آڻي جوڙڻ يا وري ڪن ٻين ملڪن مان اهڙا جديد ترين تعليمي و تربيتي نمونا هٿ ڪري انهن کي پنهنجي ملڪي تهذيب و ثقافت ۽ ضرورتن مطابق بنائي استعمال ۾ آڻڻ آهي. انهيءَ تحقيقي مطالعي تحت دنيا ۾ هلندڙ سڀني جديد ترين تعليمي و تربيتي طريقن جو مڪمل جائزو ورتو ويندو. البتہ ترجيح تعليم و تربيت جي اهڙن طريقن کي ڏني ويندي جيڪي مالي مجبورين سبب يا ڪن ٻين سببن جي ڪري مائٽن طرفان ڇڏي ڏنل ۽ گهٽين ۾ رلندڙ ٻارڙن ۽ وڏي عمر جي ڇوڪرن جي ضرورتن جو پورائو ڪندڙ هجن. انهيءَ تحقيقي مطالعي ۾ حڪومتي ۽ خانگي شعبي ۾ هلندڙ تعليمي پروگرامن جو جائزو بہ ورتو ويندو.

## يداپت - اي - اسڪول (اسڪول هنج وٺو) پروگرام طرفان مطالعاتي دورو:



ايداپت – اي – اسڪول پروگرام جا ميمبر پنهنجي لاهور واري دوري دوران هڪ اسڪول جو معائنو ڪندي

ايداپت-اي-اسڪول پروگرام جي ٽيم طرفان پيشہ ورانہ ترقي جي حڪمتِ عملي طور 5- مارچ، 2006ع کان 11- مارچ، 2006ع تائين هڪ مطالعاتي دورو ڪيو ويو. انهيءَ مطالعاتي دوري ۾ ادارهٔ تعليم و آگهي لاهور ۽ پاڪستان سينٽر آف فيلان ٿراپي، اسلام آباد جو دورو بہ شامل هو، جتي پنجاب جي ايداپت اي اسڪول پروگرام جو مطالعو ڪرڻو هو. پروگرام جي ٽيم ميمبرن ۾ اتان جي تعليم و تربيت جو جائزو وٺڻ ۽ انهن کي صحيح نموني سمجهڻ ۽ انهن کي پنهنجي علائقائي ڍانچي ۽ ضرورتن مطابق نافذ ڪرڻ جي حوالي سان گهربل مڪمل صلاحيت موجود هئي. انهيءَ دوري جي نتيجي ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن کي سنڌ ۾ پنهنجي ايداپت- اي- اسڪول پروگرام کي زور وٺرائڻ خاطر ٻين تنظيمن سان ادارتي تعلقات قائم ٿيا.



### تربيتي سهولتڪارن کي سکيا ڏني

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي وومين لٽريسي اينڊ ايمپاورمنٽ پروگرام (WLEP) جي 34 تربيتي سهولتڪارن جي سکيا لاءِ هڪ پنج روزه پروگرام منعقد ڪيو ويو. انهيءَ سکيا جو عنوان ”استاد تنقيدي مفڪر جي حيثيت ۾“ (Teacher as Critical Thinkers) هو ۽ اهو پروگرام 28- آگسٽ، 2006ع کان شروع ٿيو ۽ 01- سيپٽمبر، 2006ع تائين جاري رهيو.

انهيءَ سکيا کي سڀني شرڪت ڪندڙن طرفان تمام گهڻو پسند ڪيو ويو ۽ منجهس هيٺ ڏنل موضوع شامل هئا:

- استادن جو عقيدي وارو نظام
- تعليم بالغان
- سرگرمين تي مشتمل تربيت
- مرڪزي انتظام



### سرڪاري اسڪولن ۾ معيار جي نئين سر بحالي لاءِ تعاون جي موضوع تي ورڪشاپ

اپريل ۽ مئي، 2006ع دوران هتان جي هڪ مقامي اداري ۾ ٻن ڏينهن جو هڪ ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو. ورڪشاپ جو عنوان ”سرڪاري اسڪولن ۾ معيار جي بحالي لاءِ تعاون هو“ انهيءَ ورڪشاپ جو خاص مقصد اهو ئي هو تہ اسڪول هنج وٺندڙن ۽ هيڊ ماسترن کي ڪميونٽي وارن جي جذبات ۽ احساسات بابت آگاهہ ڪرڻ، اسڪول جي جانچ پڙتال جي اصول ۽ اسڪول جي ترقياتي منصوبن بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ هو.



### ايس اِي ايف طرفان اين جي اوز جي سپروائيزرن کي سکيا ڏياري ويئي

هوم اسڪولز پروگرام طرفان اين جي اوز سپروائيزرن کي ٻن ڏينهن واري هڪ سکيا ڏني ويئي. اين جي اوز جا اهي سپروائيزر سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ هوم اسڪول پروگرام وچ ۾ هڪ طرح سان سهولتڪار جا فرائض سرانجام ڏين ٿا. هن سکيا جو مقصد اسڪولن کي وڌيڪ سگهارو بنائڻ اسڪول جي سرگرمين کي عملي طرح نافذ ڪرڻ، روزانہ جون رپورٽون تيار ڪرڻ، ڪميونٽي وارن کي ترغيب ڏيڻ ۽ جانچ پڙتال جي بنيادي اصولن بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ هو. اها سکيا 19-20 سيپٽمبر، 2006ع تي مختلف اين جي اوز جي 34- سپروائيزرن کي مهيا ڪئي ويئي.

# سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

## هڪ نظر ۾ .......

### تنظيمي ڍانچو

| | |
|---|---|
| قائم ٿي | 1992ع |
| بورڊ جو چيئرمين | وزير اعليٰ سنڌ |
| بورڊ جي وائيس چيئرپرسن | وزير تعليم سنڌ |
| مينيجنگ ڊائريڪٽر | پروفيسر انيتا غلام علي (ستاره امتياز) |
| سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جا اغراض و مقاصد | تعليم ۽ ترقي کي سمجھڻ، سماج بابت سمجھڻ، ادارتي چنڊچاڻ ۽ ترقي معيار جو سڌارو، ابتدائي تربيت |
| پروگرام جون جدتون | صحت بابت تعليم، ماحوليات بابت تعليم، راڳ رنگ بابت تعليم، گھڻ رخي ذهانتن جي نشوونما، تربيتي ماحول، ملڪي ۽ مقامي معلومات |
| تنظيمي جدّتون | مارڪيٽنگ ايڊووڪيسي اينڊ پبليڪيشن پروگرام، سپورٽ اينڊ ڊويليپمنٽ، ايجوڪيشن ڊويليمنٽ اينڊ ريسرچ، مانيٽرنگ اينڊ ايوئليوئيشن، لرننگ سپورٽ اينڊ ڊويليمنٽ |
| اسان بابت وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو | www.sef.org.pk |

### پروگرامز / پراجيڪٽس

| | |
|---|---|
| انگريزي ٻوليءَ جي سکيا | 2 مرڪز |
| ايڊاپٽ - اي- اسڪول پروگرام | 165 اسڪول |
| چائيلڊ لير ايجوڪيشن پروگرام | 01 مرڪز |
| ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪولز پروگرام | 100 اسڪول |
| فيلوشپ اسڪولز پروگرام | 105 اسڪول |
| هوم اسڪولز پروگرام | 100 اسڪول |
| ڪوالٽي اشوئرنس ريسورس سينٽر | 01 مرڪز |
| روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام | 100 اسڪول |
| سپورٽ ٽو پرائيويٽ ايجوڪيشن انسٽي ٽيوٽس پروگرام | 300 اسڪول |
| ويمن لٽريسي اينڊ ايمپاورمينٽ پروگرام | 28 مرڪز |

# اوهان جي اطلاع لاءِ

- سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ٽيم حڪومتِ سنڌ جي چيف سيڪريٽري جناب فضل الرحمان صاحب کي فائونڊيشن طرفان ڪيترن ئي سالن کان ادا ڪيل ڪردار ۽ انهن جي نتيجن بابت آگاهي ڏني. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان وڌيڪ ڪوشش انهيءَ حوالي سان ئي ڪئي ويئي آهي ته سنڌ جي انتهائي پوئتي پيل ۽ پري پري وارن علائقن تائين تعليم پهچائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. چيف سيڪريٽري صاحب سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان ادا ڪيل ڪردار کي ساراهيو ۽ سنڌ ۾ ڪنيل تعليمي قدمن ۽ انهن جي معيار کي اڃا به وڌيڪ بهتر بنائڻ تي زور ڏنو.
- سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان اسلام آباد ۾ منعقد ٿيندڙ نيشنل پاليسي ايجوڪيشن review ۾ شرڪت ڪئي ويئي جنهن ۾ جناب مشهود رضوي صاحب جن هڪ گروپ Relevance of Education جي شريڪ چيئرمين طور شريڪ ٿيا.
- سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي چئن ميمبرن School of Leadership جي طرفان Management by Organizational Effectiveness جي موضوع تي منعقد ڪيل ٽريننگ ۾ شرڪت ڪئي. ٽريننگ دوران سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سڀني ميمبرن امتيازي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو.
- ويمينز لٽريسي اينڊ ايمپاورمينٽ پروگرام جي مينيجر پروفيسر ريحانه مغني صاحبه UNESCO Life Core Group جي ميمبر بڻجي ويئي آهي. UNESCO جي Life Core Group طرفان 2015ع تائين خواندگي جي شرح وڌائڻ خاطر ٺاهيو ويو. Core Group استادن جي قابليت ۾ اضافو آڻڻ ۽ خواندگي واري تربيتي مواد کي بهتر بنائڻ لاءِ اپاءُ وٺندو.

## ننڍڙن ٻارن جي اسڪولن ۾ جذباتي ورتاءَ ۽ تعليم ۽ تربيت جي مسئلن بابت تحقيقي مطالعو:

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو شعبو لرننگ سپورٽ يونٽ (LSU) برطانيه جي Leicester يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي تعاون سان ڪراچي جي اسڪولن جي 5_11 سالن جي ٻارن جي جذباتي ورتاءُ، تربيتي مسئلن ۽ تعليمي حاصلات تي پوندڙ انهن جي اثرات بابت هڪ سروي ڪرائي رهيو آهي.

انهيءَ تحقيقي مطالعي ذريعي خانگي ۽ سرڪاري اسڪولن ۽ مدرسن ۾ پڙهندڙن ٻارن جي اندروني ذهني بگاڙ جيئن بي لطفي ۽ بدمزگي وغيره ۽ ٻاهرئين ذهني بگاڙ جيئن ته فڪر ۽ پريشاني واري حالت ۽ بگڙيل رويي جي مخصوص موجودگي بابت ڄاڻ حاصل ٿيندي.

هن تحقيق مان حاصل ٿيلن نتيجن کي ملڪي پاليسيون ٺاهيندڙ ادارن سامهون پيش ڪيو ويندو ته جيئن هو اسڪولن جي ماحول ۾ مناسب سڌارا آڻن ۽ جذباتي ۽ تربيتي حوالي سان ٻارن جي لاءِ سازگار حالتون مهيا ڪرڻ خاطر پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪن.

## ٻالڪپڻ جي تلاش بابت موضوعي ڪتابچا

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان ٻالڪپڻ جي تلاش ۽ پاڪستان ۾ ٻارن جي ابتدائي نشوونما جي موضوع تي منعقد ڪرايل مذاڪرن بابت پنج تفصيلي ڪتابچا ڇپرايا ويا آهن جن ۾ انهن مذاڪرن ۾ ٿيل ڳالهين ٻولهين بابت حال احوال ڏنل آهي. اهي ڪتاب ٽن ڏينهن واري ۽ هڪ ڏينهن واري مذاڪري جي تعارف ۽ انهن اهم ڳالهين ۽ موضوعن جي چند ڇاڻ تي مشتمل آهن. جيڪي ٻارن جي ٻالڪپڻ تي اثرانداز ٿين ٿيون. انهن ۾ ڳالهين (موضوعن) ۾ سماجي ادارا ۽ ٻالڪپڻ، ذرائع ابلاغ ۽ سماجي ادارا ۽ ٻالڪپڻ، ذرائع ابلاغ ۽ ٻالڪپڻ جي ترقي ۽ ٻالڪپڻ تي ان جا اثرات ۽ پاڪستان ۾ ابتدائي ٻالڪپڻ جي ترقي شامل آهن.

انهن ڪتابچن شايع ڪرائڻ جو مقصد ٻالڪپڻ جي موجوده ڏک ڀري صورتحال تي روشني وجهڻ ۽ اهي ماڻهو جيڪي هنن مذاڪرن ۾ شريڪ ٿي نه سگهيا، تن کي انهن بابت تفصيلي ڄاڻ فراهم ڪرڻ آهي. هن گلوبل وليج واري فيصلہ ڪن دور ۾ اهي ڪتابچا نه صرف تعليمدانن، تجربيڪارماهرن ۽ ٻارڙن سان واسطو رکندڙن لاءِ هڪ طرح جي رهنمائي جو ذريعو ثابت ٿي سگهن ٿا، بلڪ اهي ٻالڪپڻ جي حوالي سان هڪ طرح جو نچوڙ آهن ۽ ٻارڙن جي نشوونما بابت گهربل ضروري رهنمائي ڪن ٿا. پنهنجي لاءِ اهي ڪتابچا **’مفت‘** گهرائڻ خاطر هيٺ ڏنل پتي تي رابطو ڪريو: info@sef.org.pk

وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو

www.sef.org.pk




## ابتدائي خواندگي کان بعد وارو تربيتي مواد




ڪهاڻيون انفرادي طور تي ماڻهن ڪي دلين جي سوچ ۽ عمل جي حوالي سان متحرڪ ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار اداڪن ٿيون. اهي پڙهندڙ ڪي ڪميونٽي جي مسئلن جي نشاندهي ڪن ٿيون ۽ انهن جي حل بابت بہ سهولت فراهم ڪن ٿيون. SEF جي ويمينز لٽريسي اينڊ ايمپاور مينٽ پروگرام (WLEP) جي مينيجر پروفيسر ريحانہ مغني صاحبہ انهيءَ سلسلي ۾ ڪهاڻيون لکيون آهن، جيڪي انهن عورتن لاءِ آهن جن خواندگي بابت ابتدائي مرحلو مڪمل ڪري ورتو آهي. اهي ڪهاڻيون ٽن قسمن جي سوچ يا مقصدن ڪي ذهن ۾ رکي لکيون ويون آهن جيڪي صحت ۽ غذا، آمدني پيدا ڪرڻ ۽ جهيڙن ـ جهڳڙن جو ناهه ڪرائڻ آهن.




خوبصورت ڪردارن واريون اهي رنگين ڪهاڻيون عورتن ۾ تنقيدي سوچ پيدا ڪرڻ ۽ گهر ۽ پاڙي وارن جي مسئلن جو حل ڳولڻ جي حوالي سان جديد انداز ۾ رهنمائي ڪن ٿيون. ٻارن ڪي سبق پڙهائڻ ۾ آساني پيدا ڪرڻ خاطر استادن لاءِ هڪ رهنما ڪتابچو بہ تيار ڪيو ويو آهي. زندگي ۾ تربيت حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪمائڻ جي حوالي سان عورتن جي لاءِ لکيل اهي ڪتاب پنهنجي نموني جي هڪ ڀرئين ڪوشش آهن.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي پروگرامن، يونٽن ۽ سرگرمين بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي ويب سائيٽ www.sef.org.pk ملاحظہ ڪندا.

**رسالو ڪليڪٽو**

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان شايع ڪرايو ويجي ٿو.
پلاٽ-9، بلاڪ-7، ڪهڪشان ڪلفٽن-5، ڪراچي - 75600، پاڪستان
UAN: (92-21) 111-424-111 Fax: (92-21) 9251652
info@sef.org.pk www.sef.org.pk

**تدوين ۽ تياري**

مارڪيٽنگ، ايڊووڪيسي اينڊ پبليڪيشن يونٽ، ايس اِي ايف




## 2004ع کان 2006ع تائين سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ڪارڪردگي جي رپورٽ

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ڪارڪردگي واري رپورٽ ۾ گذريل ٻن سالن کان کنيل قدمن ۽ آندل جدتن بابت روشني وڌي ويئي آهي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ڪارڪردگي جي رپورٽ عام ڏسندڙن لاءِ دستياب آهي. پنهنجي لاءِ انهيءَ رپورٽ جي ڪاپي گهرائڻ خاطر سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان رابطو ڪريو.




## ’نرچر‘ جو ٽيون شمارو ڇپجي ويو

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان ”ابتدائي ٻالڪپڻ جي نشوونما جي موضوع تي شايع ٿيندڙ ڇهہ ماهي رسالي ’نرچر‘ جون ٽيون شمارو ڇپجي چڪو آهي. انهيءَ شماري ۾ خاص ڪري صحت ۽ حفظان صحت جي اصولن، غذا، بيمارين خلاف مدافعتي عمل، بيمارين کان بچاءُ ، جذباتي صحت ۽ ٻيا لاڳاپيل موضوع شامل آهن. اهو شمارو والدين، تجربيڪار ماهرن ۽ اهڙن ماڻهن ڪي جن پنهنجي مٿان ٻارڙن ڪي سچي زندگي صحت مند ۽ توانو رکڻ جي لاءِ ڪوششون ڪرڻ جي ذميداري کنئي آهي، تن ڪي ضرور پڙهڻ گهرجي.

جيڪڏهن توهان پنهنجي لاءِ ’نرچر‘ جو مفت شمارو حاصل چاهيو ٿا تہ هينئر ئي فون نمبر (216) 111-424-111 ext (021) تي رابطو ڪريو يا اسان ڪي nurture @ecdpak.com تي لکي پنهنجي لاءِ مفت شماري جو آرڊر ڏيو. مهرباني ڪري پنهنجو ٽپال وارو پتو ۽ رابطي بابت ٻيا تفصيلات ڇاڏائيندا.